
عجيب سلسلو ـ ١
آخري وسيلو
عبدالحليم بروهي
قيمت : هڪ روپيه

**عجيب سلسلو1**

# آخري وسيلو

حليم بروهي

**ڪمپوزنگ: عبيدالله ٿهيم**

ڊجيٽل ايڊيشن:

2018ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”آخري وسيلو“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناماياري ليکڪ **حليم بروهي** جي لکڻين جو مجموعو آهي. حليم سچ لکندڙ هيو، پوءِ ڀلي ڪنهن کي وڻي يا نه .......

شوڪت شورور صاحب لکي ٿو:

”حليم بروهي ذاتي طور هڪ نرالو شخص هو، مصلحت پسندي ۽ منافقيءَ واري دور ۾ هو سيني ڪان الڳ ۽ اڪيلو هو. هن لکڻ توڙي ڳالهائڻ ۾ ڪڏهن به ڪنهن کي راضي ڪرڻ، خوش ڪرڻ لاءِ مصلحت ڪان ڪم نه ورتو. حليم جنهن ڳالهه کي صحيح سمجهندو هو، ان جو اظهار ڪري ڇڏيندو هو، پوءِ ڀلي ڪنهن کي نه وڻي يا ڏکي لڳي، اها پرواهه ڪرڻ حليم بروهي سکيو ئي ڪو نه هو. هن جي ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ حليم بروهي اهو ئي ساڳيو ۽ هڪڙو هو. فقط حليم بروهي ئي ڪنهن کي ڪل ڪل ۾ چئي سگهيو ٿي ته ”تون مون کي نٿو وڻين“. حليم وٺ وٺڻ ۽ نه وٺڻ جا ڀلي پنهنجا ماپا هجن، پر ان ۾ رک رکاءُ يا منافقي نه هوندي هئي. حليم کي جيڪو ماڻهو نه وڻندو هو، ڀلي ان جا سبب کهڙا به هجن، هو ان ڪان هميشه الرجڪ رهندو هو. سندس لکڻ ۾ به اها ساڳي جولاني هوندي هئي.“

ٿورائتا آهيون پياري دوست ۽ سنڌ سلامت جي ايڊيٽر عبيد الله ٿهيم جا جنهن جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# حليم، آخري وسيلو ۽ آئون

## ڪمپوزر پاران

،

حليم بروهيءَ کي زندگيءَ ۾ مون ڪڏهن به نہ ڏِٺو، ڪڏهن به نہ ٻُڌو پوءِ بہ سندس فين آهيان‘ اِهڙِي ٻِتاڪ هٽندي آئون ڪنهن وڏي محفل ۾ داد تہ وصول ڪري سگهان ٿو پر ٽيڪنالاجيءَ کان ڪيئن ٿو لِڪي سگهان؟ جنهن مون کي يوٽيوب تي حليم ڏيکاريو، ائين پيو لڳي تہ حليم اِجهو منهنجي سامهون ويٺو آهي، پر منهنجو سنگتي مسٽرماڪوڙو چوندو آهي تہ ’روبرو ملڻ جو مزو ئي پنهنجو آ‘، سو حليم بروهيءَ سان روبرو ملڻ جي خواهش ڪڏهن بہ پوري نہ ٿِي سگهندي... حليم جي شخصيت تي وڏن اديبن روشني وِڌي هوندي جيڪڏهن اجا بہ اوندهہ سمجهو تہ حليم کي يوٽيوب تي ڳولهي سندس انٽرويو ٻُڌوس ان کان پوءِ توهان بہ حليم جي شخصيت تي پَهريدارن ۽ چوڪيدارن جيان روشني وجهي سگهو ٿا، آئون حليم جي شخصيت تي روشني وجهڻ کان پوءِ پاڻ اوندهہ ۾ هليو ويندس تنهنڪري في الحال ڇڏيو ..

حليم بروهيءَ جي هِن آخري وسيلي بابت حليم جي ئي هڪ آرٽيڪل ۾ پڙهيو هُئم، جنهن کان پوءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي لائبرريءَ مان پڇا ڪيم، اُتي لائبرريءَ جي سافٽويئر ۾ ’حليم بروهي‘ لکون تہ ليي ئي نہ پيو (سافٽويئر جو مسئلو هو، مرحيات حليم جو نہ)، پوءِ لائبررين کي چيم تہ ”عبدالحليم“ لکي ڳولها ڪر، هن ائين ڪيو ۽ نتيجو سامهون آيو، توهان اندازو ڪندؤ تہ حليم بروهيءَ جا هيڏي وڏي لائبرريءَ ۾ ڪيترا ڪتاب موجود هوندا؟ فقط 3، ٽيڻ ائين ڪپي ها تہ اُتي حليم بروهيءَ جا سڀ ڪتاب موجود هُجن ها پر ٽي ڪتاب مِليا جَن ۾ هڪڙو هِي ڪتاب جيڪو توهان هاڻ پڙهندؤ (آخري وسيلو)، ’حليم جي سنڌي‘ (رومن وارو ڪتاب) ۽ ’هٽلر لکيو‘.. حليم جو ناول، حليم جا ٻيا ڪتاب مون وٽ موجود ناهن جيڪڏهن اُهي هُجن ها تہ يقيناً اُهي بہ ڪمپوز ڪري رکون ها .

’آخري وسيلو‘ جي ڪمپوزنگ ڪانپوءِ مُنهنجي ڪمپوزنگ رفتار ۾ ڪافي واڌارو اچي ويو آ (اها خوشي جي ڳالھ صرف منهنجي لاءِ آهي، توهان لاءِ نہ) تنهنڪري سوچيان ٿو تہ هاڻ حليم جا ٻيا ڪتاب بہ آنلائن ڪريان. سو في الحال سنڌسلامت جي پليٽفارم تان هن ننڍڙي ڪتاب کي نئين سري سان ڪمپوز ڪري رکون ٿا، باقي مرحيات حليم جا ٻيا ڪتاب بہ ڪمپوز ڪري رکنداسين. اميد تہ توهانکي هِي ڪتاب پسند ايندو، پنهنجي راءِ کان ضرور آگاھ ڪجو.

**عبيد ٿهيم**

ايڊيٽر

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

www.sindhsalamat.com

www.ubedthaheem.com

# ادبي هٿيار

سنڌي اديب سڏائڻ جي لاءِ جي ايم سيد جي شخصيت کان متاثر ٿيل سڏائڻ ضروري آهي، مهنجي شڪل مان ظاهر آهي تہ مان جي ايم سيد جي شخصيت کان متاثر ٿيل اديبن مان آهيان ۽ منهنجي ادبي تخليقات مان ظاهر آهي تہ مان شايد ئي ڪنهن شئي کان متاثر آهيان.

ادب جي دنيا محدود آهي ۽ اديب جي دنيا نهايت بيهودي حد تائين محدود آهي. شايد ئي ڪو اديب هجي جنهن ادب جي حدن کي چڱي طرح پروڙيو هجي. مان انهن جو ذڪر نہ پيو ڪريان جيڪي ادب ۾ ڪاله ڄاوا ۽ جي ايم سيد جي شخصيت کان متاثر نہ هئڻ سبب اڄ ادب جون حدون اورانگهي بہ چڪا آهن. مان اهڙن کي اديب ئي نٿو مڃان.

اديب لاءِ ضروري آهي تہ هو ڪنهن نہ ڪنهن عظيم شخصيت کان متاثر ٿيل هجي ۽ جي نہ هجي تہ متاثر ٿيل هئڻ جو ڍونگ رچائي. اسان سنڌي اديب پاڻ کي سالن جا سال جي ايم سيد جي شخصيت کان متاثر ٿيل سمجهڻ ڪانپوءِ هن وقت پاڻ کي سچ پچ جي ايم سيد جي شخصيت کان متاثر ٿيل سمجهي چڪا آهيون. جي ايم سيد جي شخصيت کان متاثر ٿيل ڇورائي اسان سالن جا سال پنهنجي خيالن جي دنيا ۾ وڏا اديب ٿي رهيا آهيون.

اسان وٽ جي ايم سيد کان وڏيڪ عظيم شخصيت نہ آهي نہ ٿيندي ۽ جي ٿيندي تہ اسان ان کي مڃڻ کان انڪار ڪنداسين. جي ايم سيد جي شخصيت  اسان جو ناهيل بت آهي جنهن جي پوڄا اسان تي فرض ۽ جنهن جي حفاظت اسانجو حق آهي.

هن وقت اسان جي خيالن جي دنيا کي ڌونڌاڙيو پيو وڃي، لوڏيو پيو وڃي ۽ اسانکي رولي ۾ وڌو پيو وڃي. اڄ سوال اٿاري تہ جي ايم سيد جا خيالات احترام جي قابل آهن بہ يا نہ اسان جي جذبات سان هٿ چراند ڪئي پئي وڃي. اڄ سوال اٿاري نہ جي ايم سيد جا ٻول احترام جي قابل آهن بہ يا نہ، اسان  جي حقن کي للڪاريو پيو وڃي. اڄ جي ايم سيد جي شخصيت سان هٿ چراند ٿي رهي آهي، ۽ اها هٿ چراند اهي شخص ڪري رهيا آهن جيڪي نہ اديب آهن ۽ نہ ادب جي آداب کان واقف آهن. ادب جي آداب جو پهروين ادب آهي جي ايم سيد کان متاثر ٿيل هئڻ

يا اسان مان گھٽن وانگي پاڻ کي خوامخواه جي ايم سيد کان متاثر تيل سمجهڻ يا اسان مان باقي رهيلن وانگي خوامخواه جي ايم سيد کان متاثر تيل هئڻ جو مظاهرو ڪرڻ. جنهن بند ڪوٺڙي ۾ اسان سالن جا سال بند رهيا آهيون ۽ جنهن ڪوٺڙي جي حفاظت اسانجو فرض آهي تنهن جي پيتن کي اڄ ڪي نالائق لوڏي اسانجي عظمت کي للڪاري رهيا آهن. هي نالائق جيڪي بي دعوتا ڪاهي پيا آهن ادب ۾ سي جيئن ڏڳا ڪاهي پيا هجن شيشي جي ٿانون جي ڪنهن دڪان ۾.

پر زبان درازي يا قالم درازي کان ڪم وٺي اسانکي پاڻ پڌرو ٿيڻو ڪونهي، اسانکي زبان ۽ قلم بئي قابو ۾ رکڻا آهن. اسانکي سوچي سمجهي هنن نالائقن کي منهن ڏيڻو آهي. پاڻ ڏسون ته پاڻ وٽ هٿيار ڪهڙا آهن هنن نالائقن سان جنگ جوٽڻ لاءِ. هٿيار اهڙا هجن جيڪي هنن نالائقن وٽ نه هجن، هاڻي اهڙا هٿيار پاڻ وٽ ڪهڙا آهن؟ بغض ۽ ڪينو ازل کان هيٺن جو هٿيار آهن، بغض ۽ ڪينو اهڙا به هٿيار آهن جن جي اديبن وٽ ڪوڙ نه هوندي آهي جو اديب ازل کان هيٺو آهي. اهي به هٿيار پاڻ کي استعمال ڪرڻا آهن ۽ اهڙي طرح ڪرڻا آهن جو هي نالائق پاڙئون پٽجن ۽ پاڻ پڌرا به نه ٿيون. طريقو جيڪو پاڻ کي اختيار ڪرڻو آهي اهو آهي ته پاڻ هنن نالائق  ليکن کي اهميت نه ڏيون. ائين ظاهر ڪريون ته جيئن اسان سندن ڪو ليک پڙهيو ئي ڪونهي، ڏٺو ئي ڪونهي. جڏهن به پاڻ سان ڪو هنن نالائقن مان ڪنهن سان گڏجي ته ائين گڏجي جيئن هنن نالائقن ڪڏهن ڪو ليک لکيو ئي ڪونهي. اسان مان ڪوبه سندن ڪنهن به ليک جو جواب نه ڏئي ته جيئن هو محسوس ڪن ته سندن ليکن کي اسان يا ته پڙهيو ڪونهي يا ان قابل نه سمجهيو اٿئون ته ان تي ڪو تبصرو ڪجي. مان اوهان کي خاطري ٿو ڏيان ته پاڻ جي هن طريقي تي صبر، استقلال ۽ تنظيم سان عمل ڪيو ته هو نالائق دل شڪست ٿي لکڻ لکائڻ تان هٿ ڪڻي وڃي گهر ويهندا. هي ادبي طريقو آهي ڪنهن اديب جون پاڙون پٽڻ جو، هي ادبي طريقو آهي نئين اديبن کي ادب جا دروازا بند ڪرڻ جو ۽ هي ادبي طريقو آهي نئين اديبن کي اديب ٿيڻ کان اڳ هميشه لاءِ ختم ڪري دفنائي ڇڏڻ جو.

***

- پنجابي سنڌ ۾ 1901ع کان آباد آهن، ڪڏهن پنجابين ڪنهن به سنڌي آفيسر کي بدلي ڪرڻ يا ڪڍڻ لا ڪو جلسو ڪيو؟ يا ڪو جلوس ڪڍيو؟

- جنهن مسخري جو خيال آهي تہ شادي ڪانپوءِ ماڻهون وقت جو پابند ٿيندو آهي، تنهن مسخري کي اها خبر ناهي تہ وقت جو پابند فقط غلام هوندو آهي. ڪا اهڙي زال بہ ڪنهن ڏٺي جيڪا وقت جي پابند هُجي؟
- ڪا گهران ٻاهر نہ نڪري ۽ جي ڪا نڪري تہ هن کي بيچڙو ڪريو. ماڻهون اوهان لک روپين جا آهيو، فقط اوهان جو قدر ڪونهي.

# خوني سازش عرف دلبر جاسوس

اوچتو آفيس جو در زور سان کليو ۽ هڪ پوڙهي عورت سڌو اچي منهنجي سامهون واري ڪرسي تي ويهندي ئي چيو تہ ”مان خرچ ڪري سگهان ٿي جو منهنجو نالو مسز ڪروڙ پتي آهي. مونکي سني جاسوس جي مدد گهرجي. تون پنهنجي لياقت ڏيکار“. مون بندوق سان راند ڪندي چيو تہ ”توکي هڪ نڪ بہ اکيون آهن، ۽ جيڪڏهن مان غلطي نہ پي ڪريان تہ توکي بہ هٿ ۽ هڪ بہ ٽنگون بہ آهن جن تي تون هلي....“ ”۽ منهنجا هي وار نقلي آهن ۽ مان نوجوان سهڻي نينگر آهيان بس بس، تون سيڪُجهہ ڄاڻين ٿو. پئسا وٺ ۽ مونکي منهنجو مڙس ڳولهي ڏي جيڪو چئن ڏينهن کان غائب آهي“ چوندي محترمہ ڪروڙپتي پنهنجي نقلي وارن جي ٽوپي لاهي ان مان نوٽن جو ٿهو ڪڍي منهنجي سامهون رکيو. مون گهنٽي وڄائي جيڪا وڄي تہ مان حيران ٿي ويس. منهنجي سيڪريٽري اندر آئي جنهن کي هڪ نڪ بہ ڪن بہ اکيون ۽ هڪ پُڇ هو. پڇ سندس مڙس جو جنهن کان مان بيزار هوس. بندوق جي نالي سان نوٽن ڏانهن اشارو ڪري سيڪريٽري کي ”هٽائي پري ڪر“ چئي نقلي ڏاڙهي لڳائيندي مون مسز ڪروڙپتي کان پڇيو تہ ”ڪو نياپو؟“. ”فقط بہ ڏينهن اڳ هڪ خط ٽپال ۾ آيو جنهن ۾ لکيل هو تہ مسٽر ڪروڙپتي جو خير نہ آهي ۽ هن جي ٽيجهي ۽ چاليهن جو بندوبست ڪري ڇڏ“ چوندي محترمہ ڪروڙپتي اچي روئڻ ۾ پئي. ”بس بس، سڄي ڳالهہ مان سمجهي ويس“ چوندي مون پستول ڪيسي ۾ وڌو ۽ بندوق ڪڍي آفيس کان ٻاهر آيس. ٻاهر ڪتو نہ هو. ”پنهنجو گهر ڏيکار ۽ مسٽر ڪروڙ پتي جو ڪو ڪمرو ڏيکار“، مون مسز ڪروڙ پتي کي چيو.

گهر ۾ فقط هڪ ڪتو هو جيڪو مائي ڪروڙ پتي جي پيرن کي چٽڻ ۽ مون ڏانهن ڀونڪڻ لڳو. مائي ڪروڙ پتي ڪتي جي مٿي تي هٿ ڦيرائيندي چيو تہ ”هي ڪتو مسٽر ڪروڙپتي جو پاليل ۽ نپايل آهي“. مسٽر ڪروڙ پتي جي ڪمري مان مون انسپيڪٽر رشتوي کي فون ڪيو جنهن پاڻ سان گڏ رشوت خور صوبيدار ۽ بي حيا جمادار آندو جنهن مسز ڪروڙ پتي کي گهوري ڏسندي مونکي چيو تہ ”هن ڪيس ۾ اوهان سان گڏ ڪم ڪرڻ منهنجي لاءِ باعث فخر

آهي“. ”ڪم ختم ٿي چڪو آهي“ چوندي مون انسپيڪٽر رشوتي کي اشارو ڪيو جنهن هڪدم هٿ ڪڙيون ڪڍي مسٽر ڪروڙ پتيءَ جي پاليل ۽ نپايل ڪتي کي پارايون. ڪتي ڪيڪڙاٽي ۽ پوءِ ”ڏسي رهندس“ چوندي جيل ڏانهن هليو ويو.

”هيءُ ڳجهارت اوهان ڪيئن پڳي؟“ انسپيڪٽر رشتوتي مسز ڪروڙپتيءَ کان رشوت وٺندي مون کان پڇيو ”سولو، تمام سولو“ چوندي مون مسز ڪروڙ پتي جي ڪارن وارن ۾ هٿ وجهي ڇڪيو ته اندران اڇا وار ظاهر ٿيا. ”هي مسز ڪروڙ پتي در اصل مسٽر ڪروڙ پتي جي ماءُ آهي، ۽ ڪتي جي روپ ۾ مسٽر ڪروڙ پتي دراصل مسٽر ڪروڙپتي جو پيءُ آهي. مسٽر ڪروڙ پتي اڃا ڄائو ئي ڪونهي. منهنجي لاءِ مونجهارو فقط هي هو ته ڪتو ڪيڏانهن ويو“ چوندي مون جمعادار بيحيا ڏانهن ڏٺو جنهن هاڻ مسٽر ڪروڙ پتي جي ماءُ ڏانهن نهاريندي مون کان پڇيو ته ”اهو مونجهارو اوهان جو لٿو يا اڃان آهي؟“ . ”هن مونجهاري جو حل مونکي هن خط مان مليو جنهن ۾ لکيل هو ته ٽيجهي ۽ چاليهن جو بندوبست ڪري ڇڏ“ چوندي مون جمعادار بيحيا ڏانهن ڏٺو جنهن مسٽر ڪروڙپتي جي ماءُ ڏانهن هاڻ گهوري نهاريندي مونکان پڇيو ته ”اهو ڪيئن؟“ . مون پائيپ مان سوٽو هٽي نڪ مان دونهون ڪڍندي چيو ته ”صاف ظاهر هو ته ڪتو گذاري ويو هو جنهن جي ٽيجهي ۽ چاليهن جو بندوبست ڪرڻو هو. هنن زال مڙس ٻنهي گڏجي ڪتي جي ٽيجهيءَ چاليهن تي ٿيندڙ خرچ کان بچائڻ لاءِ اها خوني سازش رٿي. مڙس ڪتي جو روپ ڌاري ويهي رهيو ۽ زال کي مون ڏانهن اماڻيائين“.

رشوت خور صوبيدار انسپيڪٽر رشوتي کان پنهنجو حصو وٺندي مون کان پڇيو ته ”اهو ٽيجهي ۽ چاليهين ملهائڻ جي هدايت وارو خط ڪنهن لکيو هو؟“. ”اهو خط صاف ظاهر آهي ته ڪتي جي ڪنهن مائٽ لکيو هو“ چوندي مون مسٽر ڪروڙ پتي جي ماءُ جي وارن ۾ هٿ وجهي زور سان ڇڪيو ته اندران ڪتي جو چاچو ڪيڪڙاٽ ڪندو ظاهر ٿيو جنهن کان انسپيڪٽر رشوتي رشوت وٺي منهنجي مهرباني مڃيندي مونکي در تائين ڇڏڻ آيو جتي منهنجي سيڪريٽري پنهنجي پيچ سان گڏ بيٺي هُئي. ٻنهي جا ڳاٽ فخر سان اونچا هُئا، سيڪريٽري جو ڳاٽ ٻه ۽ سندس پيچ جو ڳاٽ ٻه.

***

- هن وقت قوم کي قومي غيرت جي ضرورت آهي. اها غيرت جيڪڏهن ڪنهن بازاري عورت ۾ به آهي ته اها بازاري عورت به عزت جي قابل آهي. پر اوهان پنهنجو ڪم ڪندا هلو، ۽ جنهن جي وارن تائين اوهان جا هٿ رسن تنهن کي وارن کان جهلي رستي تي گهليندا هلو. اهو مڙس ماڻهن جو ڪم آهي ۽ اوهانکي نهي ٿو.
- جنهن مسخري جو خيال آهي ته شادي ڪان پوءِ گر نهندو آهي، تنهن مسخري کي اها خبر ڪانهي ته شادي ڪان پوءِ گهر ناهٹو پوندو آهي، گهر نہ ناهبو ته زال کي ويهاربو ڪٿي؟

# آخري وسيلو

پاڻ جي گڏياسين ڪڏهن ته ڌار ٿيڻ وقت مان تنهنجي نظرن ۾ ڪريل هوندس. جي تون چاهين ته مان تنهنجي نظرن ۾ ڪڏهن نه ڪران ته مهرباني ڪري، ڏس ته تنهنجو منهنجو اتفاق سان به ڪڏهن گڏجڻ نه ٿئي.

پنهنجو ڳالهائڻ ڪڏهن نه ٿيو، پر مون تنهنجيون اکيون ڏٺيون آهن. الائجي ڇو مون هميشه محسوس ڪيو آهي ته تنهنجي دل ۾ منهنجي لاءِ تمام گهڻي عزت آهي. مونکي اعتبار نه ايندو ته تون بيخبر آهين، هڪ پڙدو آهي ته تنهنجي منهنجي وچ ۾ ڪوڙي رک رکاءُ جو، ڪوڙي عزت ڪوڙي اٽڪاڻائي جو، جيڪو پڙدو شايد توکي پيارو هجي پر جنهن پڙدي کي مان لاهي ڦٽو ڪندس جي اتفاق سان به تنهنجو منهنجو ڪڏهن گڏجڻ ٿي ويو هن دنيا ۾.

تنهنجي دل ۾ عزت آهي مون لاءِ جو توکي خبر آهي ته مون هڪ عشق ڪيو هو، تنهنجي دل ۾ عزت آهي مون لاءِ جو توکي خبر آهي ته فقط هڪڙو عشق ڪيو جنهن ۾ ٻڏل هوندي مون ڪڏهن توڏانهن نه نهاريو ته ڪنهن ٻئي ڏانهن ڇا نهاريو هوندو. پر اها اڻپوري آڪاڻي آهي تنهنجي دل ۾ منهنجي عزت جي گهر ڪري وڃڻ جي.

آڪاڻي پوري تڏهن ٿي ٿئي جڏهن مان توکي ٻڌايان ٿو ته جڏهن مون پئي عشق ڪيو تڏهن مونکي به خبر هئي ته تو به عشق پئي ڪيو، ۽ اڄ اسان ٻنهي کي خبر آهي ته پاڻ ٻنهي سان ساڳئي وقت دوکو ٿي رهيو هو. ٻئي مظلوم هئاسون، ٻئي لاچار هئاسون. پنهنجي هڪ ٻئي لاءِ عزت دراصل هڪ ٻئي تي قياس جو ٻيو روپ آهي. مان اعتبار نه ڪندس ته تون بيخبر آهين، ۽ توکي به اعتبار نه ايندو ته مان بيخبر آهيان ته پنهنجي هڪ ٻئي لاءِ عزت فقط ساڳئي ظلم جو شڪار ٿيل هئڻ جو نتيجو آهي. هي پيائي چارو آهي، هن کي برادري جو درد چئبو آهي. پنهنجي دل تي ساڳيو ظلم ٿيل آهي، پاڻ ٻئي ساڳيو ڏک سيکي رهيا آهيون.

پر مونکي الائجي چو پنهنجو هي هڪ ٻئي جي عزت ڪرڻ ڪڏهن نہ وڻيو، الائجي چو مان هميشہ ائين محسوس ڪندو رهيو آهيان تہ جيئن اسان هڪ ٻئي جي عزت ڪري هڪ ٻئي تان ڇترون ڪندا رهيا آهيون. بهتر هو جي تون نہ ڄاڻين ها تہ مون ڪڏهن ڪتي کو ڌڪ بہ ڪاڏو، ۽ بهتر هو جي مان بہ نہ ڄاڻان ها تہ توسان بہ ڪنهن ڪڏهن زيادتي ڪا ڪئي هئي. پاڻ ٻئي پنهنجي نظرن ۾ ڪريل آهيون، بي انتها ڪريل آهيون ۽ پنهنجو هي هڪ ٻئي جي مظلوميت جو سهارو وٺي هڪ ٻئي کي عزت جي قابل سمجهڻ ۽ سمجهائڻ وارو طريقو پاڻ کي پنهنجي نظرن ۾ اجان بہ وڌيڪ ڪيرائيندو ۽ ذليل ڪندو رهيو آهي.

جي تون چاهين تہ تون هميشہ اها منهنجي ڪوڙي عزت ڪندي رهين تہ مهرباني ڪري مون کان پري رهُ جو هاڻ پاڻ ڄاڻون ٿا تہ پاڻ هڪ ٻئي لاءِ ڇوٽڪاري جو آخري وسيلو آهيون.

***

- اها لوفر جيڪا پنهنجي قوم سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي، جيڪا پنهنجي قوم خاطر قوم کان بہ ٻہ قدم اڳيان هلي، ۽ جيڪا قوم جي بيغيرتن ۾ بہ غيرت پئدا ڪري، ان شريف زادي کان وڌيڪ عزت جي قابل آهي جيڪا شريف رهي شرافت سان مري وڃي ۽ قوم کي محسوس ٿيڻ بہ نہ ڏئي تہ ڪا هئي يا مري ڪپي بہ وئي.
- شريف جي شرافت ڪهڙي ڪم جي جيڪڏهن هو ايتري بيغيرت هجي جو قوم کي مصيبت ۾ ڏسي بہ گهران ٻاهر نہ نڪري؟
- ڪڏهن بہ ڪا پنهنجي قوم خاطر گهران نڪري ٻاهر رستي تي اچي تہ هن کي ”مشهوري ڪپيس“ ۽ ”ڪيس ٻين آندو آهي“ چئي بدنام ۽ خوار خراب ڪريو. هن ۾ اوهان جو ڀلو آهي.

# ٻہ قبرون

[ڪراچي کان چار ميل اڳتي سمنڊ ۾ هڪڙو ننڍڙو ٻيٽ آهي ”ٻن قبرن وارو ٻيٽ“ جي نالي سان مشهور آهي. هن ٻيٽ ۾ فقط اهي ٻہ قبرون آهن ۽ ٻي ڪابہ قبر ڪانهي. هي ٻئي قبرون هڪ ٻئي کان پورن ويهن قدمن تي آهن. عجيب ڳالهہ اِها آهي تہ هن ٻيٽ ۾ ڪو ساهہ وارو بہ ڪونهي، ماڻهون جانور تہ ڇڏيو پر ڪو پکي جيت يا مجاور بہ ڪونهي. اها زيادتي آهي. ورهن جي ڪوجنا کان پوءِ بہ هي راز اڄ تائين راز رهيو آهي تہ اهي ٻہ قبرون اتي ڪيئن آيون، ۽ جي آيون نہ تہ ڪنهن ناهيون، ۽ جي ڪنهن ناهيون تہ اهي ناهڻ وارا ڪير هُئا ۽ ڪيڏانهن ويا. هي راز اڄ تائين راز رهيو آهي جو مون اڄ تائين پنهنجو وات نہ کوليو آهي. پراڄ مون ڪي پنهنجو وات ۽ هي راز کولڻ کان ڪوبہ روڪي نٿو سگهي جو اڄ منهنجي گهر واري مائٽن ڏانهن ويل آهي.]

ٽي چار سؤ سال اڳ جي ڳالهہ آهي جڏهن مان اڃا جاسوسي کاتي ۾ هوس. خوني خون ڪري ڀڄي رهيو هو ۽ مان ڪيس گرفتار ڪرڻ لاءِ سندس پويان هئس. اوچتو خوني ٻل ڏيئي هڪڙي جاءِ ۾ گهڙي ويو. مان منجهي پيس، پر پوءِ مان بہ ٻل ڏيئي ٻي جاءِ ۾ گهڙي ويس. خوني جنهن جاءِ ۾ گهڙي ويو هو سا سندس پنهنجي هئي، ۽ جنهن جاءِ ۾ مان گهڙي ويو هئس سا پرائي هئي. مون پنهنجو ٻلو ڏيکاريو تہ مونکي بہ چانهہ مِلي. ”گهڻا ڏينهن لڪندو؟“ مون دل ۾ آهستي سوچيو تہ جيئن خوني ٻڌي نہ وني. هن نہ ٻڌو، ۽ هفتو پورو جاءِ ۾ لڪي ويهڻ کان پوءِ جڏهن نڪتو تہ مان سندس پويان هوس ۽ پريل روالور منهنجي هٿ ۾ هو.

خوني هڪڙي اسٽال تان اخبار ورتي. مان سمجهي ويس. مون ٻئي اسٽال تان ٻي اخبار ورتي. ساڳي اخبار ورتي هجيم ها تہ خوني هڪدم سمجهي ويو هجي ها تہ مان سندس پيڇو ڪري رهيو آهيان. جاسوسي کاتي ۾ مون ڪچيون گوليون نہ کيڏيون هيون. خوني هلڪي سيٽي وڄائيندو شاهي بازار ڏانهن روانو ٿيو. پوري ويهن قدمن تي مان بہ هلڪي سيٽي وڄائيندو سندس پويان لڳي ويس. خوني هڪڙي دڪان تان بہ جوراب ۽ هڪ رومال ورتو يا الائجي خريد

ڪيائين. مان ويهن قدمن تي هوس، تنهنڪري خبر نہ پيم. خوني شاهي بازار مان ٿيندو قلعي وٽان نڪري اسٽيشن روڊ جو رستو ورتو. جاسوسي کاتي ۾ جاسوسن کي الائجي ڇو ويهن قدمن تي رهڻ جي سکيا ڏني ويندي آهي. مان جوراب ۽ رومال وٺي نہ سگهيس. اسٽيشن تي خوني انٽر ڪلاس جي ٽڪيٽ وٺي گاڏي ۾ ويٺو، ۽ پوريون ويھ سيٽون ڇڏي مان جو ويٺس تہ پاڻ کي پاسي واري گاڏي ۾ ڏٺم جو خوني واري گاڏي ۾ ڪل سيٽون سورنهن هيون. ريل هلڻ لڳي ۽ منهنجو دل ڌڙڪڻ لڳو. هي پهريون پيرو هو جو مان ڪنهن اهڙي خوني جي پويان هوس جنهن ڏھ خون ڪيا هئا. خوني بہ اڪيلو هو ۽ مان بہ اڪيلو هوس. مون گيدي ۾ هٿ وجهي روالور کي هٿ لاتو. منهنجي سڄي بدن ۾ گرم رت ڊوڙڻ لڳو. گيدي ۾ رهڻ ڪري روالور گرم ٿي ويو هو. ڪراچي تائين خوني پنهنجي گاڏي مان نہ لٿو، ۽ مان بہ پنهنجي گاڏي مان نہ لٿس. منهنجي لهڻ تي جي اتفاق سان گاڏي ڇڏائجي وڃيم ها تہ هن خوني کي جيئرو يا مئل گرفتار ڪير ڪري ها؟ هن جي سر تي ويھ هزار روپيا انعام رکيل هو. مان پگهرجي پيس. خوني صدر اسٽيشن تي لٿو ۽ فٽ پاٿ وٺي ڪياماڙي ڏانهن روانو ٿيو. اها سندس غلطي هُئي، سٽي اسٽيشن تي لهي ها تہ ڪياماڙي ويجهي پويس ها. پر خير، صدر اسٽيشن تي فٽ پاٿ نہ هئڻ جي باوجود هي رهزن خوني فٽ پاٿ تي پئي هليو ۽ پوري ويهن قدمن تي هي بندو پويان لڳو ويس.

[مان اوهان کي ٿوري ۾ ٻُڌايان تہ ٿيو ڇا هو، هن خونيءَ ڏھ خون ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ٽيليفون تي زور سان ٺهڪ ڏيئي جاسوسي کاتي جي سربراھ کي چيو "تون ۽ تنهنجو جاسوسي کاتو منهنجو ڪُجھ نٿا بگاڙي سگهن ۽ منهنجو پروگرام آهي پورا ٻارنهن خون ڪرڻ" تڏهن سربراھ مونکي گهرائي چيو تہ " پوليس ۽ جاسوسي کاتي ۾ تو کان وڌيڪ برجستو ۽ همٿ ڀريو آفيسر نہ آهي ۽ نہ ٿيندو. ڇا تو چئين؟" مون "ها" چئي غلطي هڪئي، ۽ هاڻ مونکي پنهنجا ٻار ياد اچي رهيا هئا. مان زال جو نالو نہ وٺندس. اسان جي آکھ ۾ مُڙس پنهنجي زال جو نالو نہ وٺندو آهي.]

هلندي هلندي اوچتو خوني جهونا مارڪيٽ ڏانهن رخ ڦيرايو. مون ويهن قدمن تي ئي پنهنجو رخ ڦيرايو ۽ ڏو وڃي مُنهن پٽ سان هنيم. ڊوڙي وڃي پهتوسانس، اها سندس چالاڪي هئي. شايد سمجهي ويو هو تہ مان سندس پويان آهيان. هڪڙي هوٽل ۾ ويهي هن ماني کاڌي. مان ٻاهر بيٺو رهيس جو اندر ويھ ڪرسيون نہ هيون. الائجي ڇا کاڌائين. ايتري ۾ رات ٿي وئي.

اوندھ انڌوڪار ۾، جنھن ۾ ھٿ نہ ڏسي مڇ ڪي، ويران رستي تي خوني جي قدمن جي آواز جي سھاري پوري ويھن قدمن تي مان ھلندو رھيس. اوچتو مونکي ھڪڙو خيال آيو ۽ مان پيرن ڪان مٿي تائين سڄو ڪنبي ويس. ائين تہ ڪونھي تہ اوندھ انڌوڪار ۾، جنھن ۾ ھٿ نہ ڏسي مڇ ڪي، منھنجي پنھنجي قدمن جي آواز جي سھاري پورن ويھن قدمن تي ھي خوني پيو ھلي؟ مان پگھرجي پيس. پگھر ريلا ڪري منھنجي ڪياڙي تان وھڻ لڳو. مون رومال ڪڍي ڪياڙي اُگھي، ۽ گيدي ۾ ھٿ وجھي روالور تي آڱريون مضبوط ڪيم. مٿي الله ۽ ھيٺ زمين تي ھڪ روالور منھنجو ساٿي ھو. ھاڻ مونکي ڪا پرواھ نہ ھُئي. مان ھلندو ھليس... اوچتو ماٺ ٿي وئي. صفا ماٺ ٿي وئي. آواز ڪيڏانھن ويو؟ مان گھبرائجي ويس. خوني جي قدمن جو آواز ڪيڏانھن ويو؟ مان صفا گھبرائجي ويس. مونکي ڏڪڻي وٺي وئي. گھبراھٽ ۾ روالور تي ھٿ رکي دماغ تي زور ڏيئي غور سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪيم. اوچتو چلڪو ٿيو ۽ مان ھڪدم پٽ تي ليٽي پيس. اھو چلڪي سان گڏ پٽ تي ليٽي پوڻ بہ اسان کي جاسوسي کاتي ۾ سيکاريو ويندو آھي تہ جيئن ڪابہ گولي اسانکي سڌي منھن يا بدن ۾ نہ لڳي. بيٺل ماڻھون کي ڪوبہ سولائي سان گولي ھڻي سگھي ٿو. ھاڻ جو غور سان ڏسان تہ خوني سگريٽ دکائڻ لاءِ بيھي رھيو ھو! اھو ئي سبب ھو جو سندس قدمن جو آواز غائب ٿي ويو ھو. ۽ مان اُٿي بيٺس. روالور تي ھٿ رکي دماغ تي زور ڏيڻ بدران جي مان گھبراھٽ ۾ دماغ تي ھٿ رکي روالور تي زور ڏيئي ڇڏيان ھا تہ ھي قصو اوھانکي اڄ مون بدران اھو خوني ٻُڌائي رھيو ھجي ھا. الله رحيم ۽ ڪارساز آھي. مون سگريٽ ٻاري سوٽو پريو. نيٺي جيٽي تي پھچي خوني ھڪڙي ٻيڙي خريد ڪري پاڻ ھلائيندو سمنڊ ڏانھن روانو ٿي ويو، پھرين تہ مان ڏسندو رھيس، پر پوءِ مان بہ ھڪڙي ٻيڙي خريد ڪري پاڻ ھلائيندو ھن جي پويان روانو ٿيس. منھنجو دل ڌڙڪي رھيو ھو. ويھ قدم پري رھڻ ھاڻ ڏکيو ھو جو قدم ڳڻڻ لاءِ پاڻي ۾ ٿي لٽس تہ ٻُڏي ٿي مئس. مون پنھنجي دل مضبوط ڪئي. ٻڏي مرڻ لاءِ اسان جاسوسي کاتي وارا ھر وقت تيار ھوندا آھيون، پر ويھن قدمن تي. ۽ پوءِ وڏو سمنڊ اچي ويو جنھن ۾ خوني جي ٻيڙي ڇولين تي نچڻ ڪڏڻ لڳي. مان ڏسندو رھيس، ۽ پوءِ جڏھن پوري ويھن قدمن تي منھنجي ٻيڙي آئي تڏھن ھو بہ نچڻ ڪڏڻ لڳي. مون ھمت نہ ھاري. اسانجي جاسوسي کاتي ۾ ھمت نہ ھارڻ تي خاص زور ڏنو ويندو آھي. الائجي ڪٿان اوچتو ڪنارو اچي ويو. خوني ٻيڙي ڪناري سان ٻڌي سگريٽ دکائي بيھي مونڏانھن ڏسڻ لڳو. مان ڏنو اڻ ڏنو ڪري پوري ويھن قدمن تي پنھنجي ٻيڙي ٻڌي منھن ٻئي پاسي ڪري سيٽي وڄائڻ لڳس تہ جيئن خوني محسوس نہ ڪري تہ مان کو سندس پيڇو ڪري

رهيو آهيان. هي طريقو بہ اسانکي جاسوسي کاتي ۾ سيکاريو ويندو آهي. آهستي آهستي خوني مونڏانهن وڌڻ لڳو. خوني ڏانهن منهنجي پٺ هئي، پر اسان جاسوسن جا ڪن تيز هوندا آهن. مان سيٽي وڄائيندو ٻئي پاسي وڪ وڌائڻ لڳس. خوني قدم تيز ڪيا تہ مون بہ تکڙا قدم کنيا. اوچتو خوني ڊوڙڻ لڳو تہ مان بہ اچي ڊڪ ۾ پيس. جاسوسي کاتي ۾ اسانکي ڇھ مهينا ملٽري وارن سان ڊوڙ ڊڪ سيکاري ويندي آهي، هي خوني مون کي ڪٿان ٿو پهچي؟ اسانجي سربراهہ جو حڪم هو تہ "ڪڏهن بہ ڪنهنجو پيڇو ڪرڻو پوي تہ هن کان ويھ قدم پري رهڻ جي ڪوشش ڪندا ڪريو". مان ڊوڙندو ويس. ڊڪندي ڊڪندي هڪڙي سيڪنڊ لاءِ خيال آيم تہ قاعدي موجب خوني کي اڳيان ۽ مون کي سندس پويان هئڻ گهرجي. پر هي وقت خوني سان بحث ڪرڻ جو نہ هو. مان ڊوڙي سڄو ٻيٽ ڦري آيس. ڏسان تہ خوني اتيئي بيٺو هو! سچو منهنجو وهم هو. مان منهن ٻئي پاسي ڪري سگريٽ دکائي سوٽا هڻڻ لڳس. خوني جي قدمن جو آواز مونڏانهن وڌڻ لڳو. هي وهم هو. اسانکي جاسوسي کاتي ۾ وهم تي وڏا ليڪچر خوني هڪ ڏيڍ انچ ويڪرو ۽ چار فٽ ڊگهو ڇرو منهنجي پنيءَ ۾ هڻئي تائين هٽي پوءِ وار مٿان وار ڪرڻ لڳو. اهو وهم نہ هو. مون هڪ فلڪ شگاف رڙ ڪئي ۽ اتي جو اتي اُڪٿ مري ويس. هي خوني جو يارهون خون هو. پوءِ خوني هڪ اونهي قبر کوٽي ان ۾ مونکي دفنائي مٿان مڻ مٽي جا وجهي باقاعدي قبر ناهي فاتح پڙهي منهنجي قبر تي ئي ويهي سگريٽ دکائي پيڻ لڳو. اهو سنهري موقعو هو. اسان جي کاتي جي سربراهہ جو چوڻ آهي تہ "ڪوبہ سنهري موقعو هٿان نہ وڃايو". مان آهستي آهستي قبر مان نڪتس ۽ روالور جي نلي سندس ڪياڙي جي مٿان مٽي سان لڳائي هڪ ٻئي پويان ڇھ فائر ڪيم. هن جا آخري لفظ هُئا تہ "ڏسي رهندس، توکي بہ ۽ تنهنجي سربراهہ کي بہ". مون پنهنجي قبر کان ويهن قدمن تي هڪ قبر کوٽي ان ۾ خوني کي دفنايو، ۽ پوءِ پنهنجي قبر ۾ داخل ٿي سمهي پيس. هي آهي راز انهن ٻن قبرن جو جيڪي هڪ ٻئي کان ويهن قدمن تي آهن، ۽ اتي آهن جتي ماڻهون جانور تہ ڇا ڪو پکي جيت مجاور بہ ڪونهي.

***

- پنجابي سنڌ ۾ ڇھ مهينا ٿو رهي تہ سنڌي ٻولي سمجهڻ ٿو لڳي، ٻن ٽن سالن ۾ پنجابي سنڌي ٻولي ڳالهائڻ بہ لڳندو آهي. اڄ سنڌ ۾ هزارين پنجابي اهڙا آهن جيڪي گهٽ سنڌين کان وڌيڪ سٺي لکندا ۽ ڳالهائيندا آهن. پر اسان انڌا آهيون جو اسان کي انهن انڌو ڪيو آهي جن کي سنڌي ٻولي ڳالهائيندي شرم ٿو اچي.

- ون يونٽ جا حامي ڪير آهن؟ اهي جيڪي پنهنجي جي مخالفت ڪري رهيا آهن، اهي جيڪي پنهنجي ڪي ڪافر چئي رهيا آهن. ۽ ياد رکو تہ اُهي پنجابي هرگز ڪونهن.

# ڊرائنگ روم مان

مان انهن اياڻين مان آهيان جن جي قسمت ۾ لکيل آهي ته عشق مٿان عشق ڪن پر شادي نه ڪن. اڳي مونکي پنهنجي قسمت تي روئڻ ايندو هو، پر هاڻ مان ڪڏهن ڪليو ڏيان.

منهنجو پهريون عشق مونکي عجيب لڳو هو جو جڏهن شادي جو چيومانس ته هڪڙي تمام سهڻي ۽ نازڪ ڪنوار وني وجي گهر وينو ۽ مان ڳوڙها اگهي ويهي رهيس. وقت گذرڻ لڳو ۽ پوءِ زمانو گذري ويو. هڪڙي ڏينهن جڏهن مان قوم جواني اڪرڻ تي هيس تڏهن هو آيو ۽ منهنجي گوڏن ۾ منهن وجهي سڏڪا ڀري رئڻ لڳو. جيئن ڪو ننڍو ٻار هجي، جيئن مان سندس ماءُ هُجان، هو روئندو رهيو ۽ پوءِ روئي روئي ماٺ تي ويو.

چوڻ لڳو ته ”مون نفسيات ۾ پڙهيو هو ته زال جو بدصورت يا معمولي صورت جو هئڻ مڙس ۾ احساس ڪمتري پيدا ڪندو آهي. منهنجو خيال هو ته عشق ماٺهون ڪنهن سان به ڪري. ڪهڙي سان به ڪري پر شادي اهڙي سان ڪري، جيڪا گهٽ ۾ گهٽ شڪل شبيهه ۾ اهڙي هُجي جو ان کي پنهنجي زال چوڻ ۾ ماٺهون فخر محسوس ڪري. منهنجي خيال ۾ ته زال اهڙي هجي جيڪا ڊرائنگ روم ۾ ويهارڻ جي قابل هجي، جنهن کي جيڪڏهن شوڪيس ۾ رکجي ته شو ڪيس چمڪڻ ۽ تجلا ڏيڻ لڳي.

”تنهنجي سانوري رنگ، ٿلهن چپن ۽ ڳري بدن جي ڪري مون توسان شادي نه ڪئي. تنهنجو منهنجي زال سڏائڻ مونکي نفسياتي تڪليف ڏئي ها، تو سان شادي ڪئي هجيم ها ته مان احساس ڪمتري جو شڪار تي ويو هجان ها. مون توسان شادي نه ڪئي، مان احساس ڪمتري جو شڪار نه ٿيس، مان نفسياتي تڪليف کان پاڻ کي بچائي ويس، پر مان اتي ڦاٿس جتان مون کي فقط تون ئي بچائي سگهين ٿي.

”منهنجي زال سهڻي آهي، تمام سهڻي، هن جي سهڻائپ ظاهر ظهور هن جي چهري ۽ جسم تي لکيل آهي، ڪا شئي ئي ڪانهي جنهن جي مونکي هن ۾ ڳولها ڪرڻ جي تڪليف وٺڻي پوي، پر مان پنهنجي هن جسم کي ڪيڏانهن ڪريان جيڪو تنهنجي سانوري رنگ، ڀريل چپن،

۽ ٻري بدن کان پري هاڻ هڪڙو ڏينهن بہ گهاري نٿو سگهي؟ وڏي فخر سان مان محسوس ڪندو رهيو آهيان تہ سنهڙا گلابي چپ منهنجي زال جا آهن، پر تون منهنجا هي چپ ڏس جيڪي تنهنجي ڪارن پرين چپن لاءِ سڪندا رهيا آهن. نازڪ سڊول جسم جيڪڏهن منهنجي زال جو آهي تہ منهنجي ڪهڙي ڪم جو جڏهن منهنجو پنهنجو جسم تنهنجي ٻري ۽ مضبوط جسم جو محتاج هجي؟ گلاب ۽ موتيي جي خوشبو منهنجي زال کي وٽي تي ۽ دنيا کي وٽي تي، پر مان ڇا ڪريان جيڪڏهن مان پنهنجو منهن تنهنجي پگهر ۾ شل جسم ۾ لڪائي دنيا کي وساري ڇڏڻ لاءِ آتو رهان؟ مونکي غلط ڳالهيون پڙهايون ويون، مون کي غلط ڳالهيون سمجهايون ويون، مونکي غلط دنيا ڏيکاري وئي، مون کي غلط تجربا ٻڌايا ويا. نرم ۽ نازڪ زال منهنجي مونکي احساس ڪمتري کان بچائي مونکي احساس برتري ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿي، پر هي احساس برتري منهنجي ڪهڙي ڪم جوو جيڪڏهن منهنجو روح تنهنجي کهري جسم جي قربت لاءِ هميشہ بيقرار رهي؟ ڊرائنگ روم سينگارجي ويو، شوڪيس چمڪي ويو، مان شادي شده آهيان ۽ توسان شادي نٿو ڪري سگهان. مان ڇا ڪريان، مان ڪيڏانهن وڃان.“

مون ٿورو سوچيو، پوءِ چيومانس تہ ”تون ڪُجهہ نہ ڪر، تون ڪيڏانهن نہ وڃ. مان انهن اپاڳين مان آهيان جن جي قسمت ۾ لکيل آهي تہ عشق ڪن ۽ شادي نہ ڪن. جتي مون ايترا عشق ڪيا آهن اُتي تون هڪڙو ٻيو عشق سهي، فقط ٿورو مونکي عجيب ٿو لڳي ساڳئي ماڻهون سان ٻيو ڀيرو عشق ڪرڻ.“

***

# جيئرو لاش

مون لاش ڏٺو. ڏند ٽڙيل، هٿ ۾ ڇري، مائي بصران جو لاش رت جي تلاءَ ۾ ٻُڏل هو. چار گوليون دل جي آر پار ويون هيون، ٻه گوليون اکين ۾ ۽ هڪ ٻه گوليون ٻن بڪين ۾ اٽڪيل هيون. مائي بصران کي ٻه بڪيون هيون. ٽي گوليون ڦڦڙن ۾ ائين اٽڪيل هيون جو هر هڪ ڦڦڙ جي حصي ۾ ڏيڍ گولي آئي هئي. هڪڙي گولي ننڍي آندي مان ٿيندي وڏي آندي تائين پهچندي هضم ٿي چڪي هُئي. اوجهري گولين سان ڀريل هئي. ٻئيه گولين سان مائي بصران جا ٻٽيه ڏند اڏايل هئا ۽ ڏندن جي جاءِ گوليون والاري چڪيون هيون. سڀ گوليون ٿري ناٽ ٿري رائيفل مان هلايل هيون. مان پيٽ جهلي ويهي رهيس. پنهنجو پيٽ، مون لاش جي پيٽ کي هٿ نه لاتو. انسپيڪٽر هومز مشڪڻ لڳو. صوبيدار واٽس ٺهه ڏيندي مونکي چيو ته "اوهان ناميارا جاسوس آهيو، پر هي ڪيس اوهان کان ٻه زور تو ڏسجي." ڪيس مونکان زور نه هو. مان لاش جي حالت ڏسي سمجهي ويو هوس ته ڇا ٿيو هوندو ۽ قاتل ڪير هوندو، پر لاش ڏانهن نظر ٿي ڪيم ته پيٽ ۾ وڪڙ ٿي پيم. پيٽ زور سان جهلي مون لاش ڏانهن ٻيو دفعو نهاريو. لاش جي پيرانڌي مائي بصران جو مڙس اوچنگارون ڏيئي روئي رهيو هو. اهو ڪافي هو. مان پيٽ جهلي ڪمري کان ٻاهر نڪري آيس.

ٻئي ڏينهن صبح سوير انسپيڪٽر هومز منهنجي گهر آيو. نيرن کان فارغ ٿي سگريٽ ڇڪيندي پڇڻ لڳو ته "اوهان سمجهي ويا آهيو ته اهو مائي بصران وارو قتل ڇو ٿيو آهي ۽ ڪنهن ڪيو آهي؟" مون "ها" چوندي جواب ۾ پائيپ ڇڪيو.

"اوهان مونکي ٻڌائي سگهو ٿا؟" انسپيڪٽر جي آواز ۾ التجا هُئي. اڄ هن جي چهري تان مشڪ ٻه غائب هئي ۽ صوبيدار واٽسن ٺهه سميت ٻه غائب هو. "منهنجو ڊي ايس پي ٿيڻ جو چانس آهي، ۽ جي مون هي ڪيس نه ٽوڙيو ته مان ڪڏهن ٻه ڊي ايس پي ٿي نه سگهندس، ۽ جي مان ڊي ايس پي نه ٿي سگهيس ته ايس پي ڪٿان ٿيندس؟ منهنجي مدد ڪريو. خدا جي واسطي منهنجي مدد ڪريو." انسپيڪٽر جي آواز ۾ درد هو، جيئن سندس پير ۾ ڪا لڦ هجي.

”هن شرط تي تہ تون هن صوبيدار واٽسن جي ٺهڪ کي ٻنجو ڏيندين ۽ تون بہ مشڪڻ بند ڪندين.“

”خدا جو قسم مان آئينده ڪڏهن بہ نہ مشڪندس ۽ هن صوبيدار واٽسن سان ڪو بہ واسطو نہ رکندس. ۽ صوبيدار وري ڇا جو، ايس پي مائٽ اٿس تنهنڪري سنو ٽاٽو ونيو وينو آهي، نہ تہ جيڪر ڪڏهوڪو رورٽ ٿيندو رنگروٽ تي ويو هجي ها. ڄاڻي ڇا تو؟“ انسپيڪٽر هومز جي اکين ۾ نفرت هُئي، جيئن بوٽ گهڻي تڪليف ڏيئي رهيو هجيس.

”نيڪ. هاڻ ٻڌ، تون فقط منهنجي سوالن جا جواب ڏيندو هل ۽ قتل جو راز فاش ٿي ويندو. هي مائي بصران وڌ ۾ وڌ گهڻيون گوليون ڪائي مري ٿي سگهي؟“ مون انسپيڪٽر هومز جي بوٽ ڏانهن غور سان نهاريندي پڇيو.

”الائجي“ انسپيڪٽر هومز بوٽ جا ڪشا کوليندي چيو.

”بلڪل صحي جواب آهي. ’الائجي‘. بلڪل صحي جواب آهي. هي جواب آهي؟ چڱي طرح دماغ کان ڪم وٺي ٻڌائي تہ هي مائي بصران وڌ ۾ وڌ گهڻيون لهي؟“ مون چڙ ڏني.

”وڌ ۾ وڌ چار“ انسپيڪٽر هومز جواب ڏنو

”۽ لڳل گهڻيون اٿس؟“ مون پڇيو.

”ڏيڍ بہ سؤ، ڇو؟“ بوٽ لهڻ سان گڏ انسپيڪٽر جي وات مان سوال نڪري ويو.

”تون سوال پڇي ڊي ايس پي ٿيڻ جو چانس نہ وڃائي. جي وڌ ۾ وڌ چار گوليون لهي تہ پوءِ هن کي ڏيڍ سئو گوليون هڻڻ جي ضرورت ڪهڙي هُئي“ مون انسپيڪٽر هومز جي پير جي بانس برداشت ڪندي پڇيو.

”الله کي خبر“ چئي انسپيڪٽر هومز پير جي لڦ تان سنهڙي چمڙي لاهڻ لڳو.

”۽ هن کي بہ خبر آهي جنهن اهي گوليون مائي بصران کي هنيون آهن. خبر فقط توهان پوليس وارن کي ڪانهي. هي ڏيڍ سئو گوليون مائي کي هڻڻ واري جي ذهن ۾ ڪهڙا خيال ٿي سگهن ٿا؟“ منهنجي مرضي هُئي تہ انسپيڪٽر هومز پير جي پچر ڇڏي.

”هڪڙو خيال تہ هي تي سگهي ٿو تہ مائي ڏيڍ سئو گولين کان گهٽ سان نہ مرندي.“ انسپيڪٽر لڦ کي لڳو رهيو.

”ڇ ٻيو خيال؟“ مون صبر کان ڪم وٺندي پڇيو.

”تہ مائي سخت ضدي قسم جي آهي ۽ جي نہ چاهيندي تہ ڪڏهن نہ مرندي.!“ انسپيڪٽر هومز لڦ جي چوڏاري آگر سان مهٽيندي جواب ڏنو.

”ڇ ٽيون ڪو خيال؟“ مون برداشت ڪندي پڇيو.

”ڊپ تہ متان مائي جيئري رهجي وئي هُجي“ چئي انسپيڪٽر هومز پير مٿي ۽ مٿو هيٺ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

”ڇ هاڻ ٻُڌاءِ تہ مائي جي وات ۾ گهٽيون گوليون لڳل آهن؟“

”ٻٽيھ“

”ڇ وات ۾ ٻٽيھ ڇا هوندا آهن؟“

”ڏند“ چئي انسپيڪٽر هومز هڪڙي سيڪنڊ لاءِ ڪنڌ مٿي ڪري مونڏانهن فاتحانہ انداز سان نهاري وري ڪنڌ هيٺ ڪري لڦ کي جنبي ويو.

”ڇ اها خبر ڪنهن کي هئڻ گهرجي تہ مائي جي وات ۾ ٻٽيھ ڏند آهن؟“

”ڏندن جي ڊاڪٽر کي“ چئي انسپيڪٽر هومز هڪڙي سيڪنڊ لاءِ ڪنڌ مٿي ڪري مون ڏانهن ٻيهر فخر سان نهاري وري ڪنڌ هيٺ ڪري ٻيهر لڦ کي جنبي ويو.

”تنهنجي پنهنجي وات ۾ گهٽا ڏند آهن؟“ اها ٻيهر لڦ جنبي وڃڻ واري ڳالھ مونکي نہ وڻي.

”ايڪٽيھ.. ٻٽيهون ڪيئان ڪائي ويا.“

”ڇ اها خبر تنهنجي ڊاڪٽر کي آهي؟“ دل پئي ٿيم تہ ڪنڌ تي ڌڪ هڻانس.

”نہ.. فقط ڪيئنئن ۽ منهنجي زال کي آهي.“

”هاڻ تون سڌي رستي تي آهين. جي تون فقط هن لڦ جي پچر ڇڏين. اهو ڪير تو تي سگهي جنهن کي پڪ هجي تہ مائي بصران جي وات ۾ پورا ٻتيهہ ڏند آهن؟“

”سندس مڙس“ چئي انسپيڪٽر هومز لڦ واري ڳالهہ صفا ٽاري ويو.

”۽ اهو ڪير تو تي سگهي جنهن کي پڪ هجي تہ مائي بصران ڏيڍ بہ سؤ گولين کان گهٽ سان نہ مرندي؟“

”سندس مڙس.“ انسپيڪٽر جي سڄي توجہ لڦ ڏانهن هُئي.

”۽ اهو ڪير تو تي سگهي جنهن کي ڊپ هجي تہ مائي بصران متان جيئري رهجي وئي هُجي؟“ منهنجي سڄي توجہ سندس پير جي بانس ڏانهن هُئي.

”سندس مُڙس“

”۽ اهو ڪير تو تي سگهي جنهن کي مائي بصران اهڙين ذليل ۽ ڪريل نظرن سان ڏسڻ جي عادي هجي جو هو مائي بصران جي هرهڪ اک جي تاري ۾ هڪ ٽري ناٽ ٽري جي گولي هڻڻ لاءِ تڙڦندو رهيو هجي؟ جيڪڏهن شادي شده آهين تہ دماغ تي ٿورو زور ڏيڻ سان ٻڌائي ويندين.“ مون دعا پڙهي گهري تہ انسپيڪٽر هومز جلد پير بوٽ ۾ وجهي. ظلم جهڙي ڊپ هُئي. مون پيٽ کي زور سان جهليو. پنهنجي پيٽ کي، انسپيڪٽر جي پيٽ کي مون هٿ بہ نہ لاتو. منهنجو ڪهڙو واسطو؟

”سندس مُڙس.“ انسپيڪٽر دنيا و مافيها کان بيخبر لڦ ۾ رڌل هو.

”۽ اهو ڪير تو تي سگهي جنهن کي مائي بصران ايترو نِنديو هُجي جو هو هن جي وس هلي تہ مائي بصران جي دل ۾ چار توب جا گولا هڻي، پر توب هٿ نہ اچڻ ڪري سخت لاچاري حالتن ۾ رائفل جون گوليون هلائڻ تي مجبور ٿيو هُجي؟“

”سندس مُڙس.“

”۽ اهو ڪير تو تي سگهي جنهن جي ڪنن جا ڪيئان مائي بصران جي بڪ بڪ ٻُڌي مري ويا هُجن، ۽ جيڪو مائي بصران جي وات تي هٿ رکڻ جي همٿ نہ ساري هن جي بڪ بڪ کي

ٻنجو ڏيڻ لاءِ هن جي ڦڦڙن مان فقط هوا ڪڍڻ لاءِ ٽي گوليون ٽري ناٽ ٽري جون زيان ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي وڃي؟“

”ڪنن جا ڪيئان به ٿي سگهن ٿا ۽ سندس مڙس به ٿي سگهي ٿو.“ انسپيڪٽر هومز پهريون انگريز هو جنهنجي پيرن ۾ ايتري ڏڪ هُئي.

”تون پنهنجي زال ڪان پري ۽ سلامت آهين. هاڻ ٻڌاءِ ته ڪير ٿو ٿي سگهي؟“ بانس جي ڪري منهنجي مغز جا ڪيئان مري رهيا هُئا.

”سندس مڙس“ چوندي انسپيڪٽر هومز هڪڙي سيڪنڊ لاءِ سنيو تاڻي هڪدم هيڏانهن هوڏانهن ڏسي وري لڦ ڪي لڳي ويو. الائجي ڇا هو لڦ ۾. مان لڦ ڪي غور سان ڏسڻ لڳس.

”۽ هاڻ آخري سوال. اهو ڪير ٿو ٿي سگهي جنهنکي مائي بصران جا پير جهلي رئڻ جي عادت هجي؟ جيڪڏهن شادي شده آهين ته دماغ تي زور ڏيڻ ڪان سواءِ به ٻڌائي ويندين.“

”سندس مڙس“

”۽ آخري سوال نمبر ٻيو. اهو ڪير ٿو ٿي سگهي جيڪو مائي بصران ڪان ايترو ڊنل هجي جو مائي جي مري وڃڻ ڪان پوءِ به سندس پير جهلي روئي ته جي اتفاق سان مائي جيئري به رهجي وئي هجي ته مٿس شڪ نه ڪري؟“

”سندس مڙس.“

”ته پوءِ قاتل ڪير؟“

”سندس مڙس؟“ انسپيڪٽر ڪان حيرت ۾ پير ڇڏائجي ويو. سندس پير وجھ ڏسي بوٽ ڏانهن وڃڻ لڳو.

”توکي انسپيڪٽر هومز خبر به نه پئي ته مان توکان آخري سوال نمبر ٽيون به پڇي ويس، پر تون تڪڙ ڪري مائي بصران جي مڙس کي گرفتار نه ڪجئين. هو بيگناه ته ڪونهي، پر مظلوم ضرور آهي. هن جي مدد ڪرڻ هر هڪ شادي شده مڙد جو فرض آهي، ۽ نه وسار ته تون پاڻ به شادي شده آهين.“ منهنجي آواز ۾ هلڪو دڙڪو هو.

”ڇو؟“ انسپيڪٽر بيوقوفن وانگي پڇي پير متي ڪري وري لڦ ڪي لڳي ويو.

”ڇو؟ مونکي خبر هئي تہ اهو ڇو وارو سوال تون پڇڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندين، سو مون جواب اڳ ئي تيار ڪري ڇڏيو هو. انسپيڪٽر هومز، فقط هڪ منٽ لاءِ خدا جي واسطي هن لڦ کي ڇڏي پنهنجي دل تي هٿ رکي خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي قسم کڻي ٻڌاءِ تہ اهو ڪير هوندو آهي جيڪو پنهنجي مڙس جو رت پيئڻ تي هريل هوندو آهي؟ اتئي ڪو اهڙو جانور نظرن ۾؟ ياد ڪر تہ مائي بصران جي لاش جي هٿ ۾ ڇري هئي.“

”اوهانجو مطلب آهي تہ مائي بصران جي مڙس اهو قتل پنهنجي بچاءُ ۾ ڪيو؟“ انسپيڪٽر ڦهريون ڦيرو عقل کان ڪم وٺي سوال ڪيو.

”بيشڪ، بيشڪ، ۽ هر هڪ شادي شده مڙس جي بقاءُ لاءِ ڪيو“ چئي مان انسپيڪٽر هومزکي بوٽ پارائي در تائين ڇڏڻ آيس. در وٽ انسپيڪٽر هومز مونسان هٿ ملائيندي پڇيو تہ ”هن سڄي خوني ڪيل تي تہ تائين اوهان ڪيئن پهتا؟“

”سولو، تمام سولو“ چئي مون آسمان ڏانهن نهاريو، ۽ پوءِ آسمان ڏانهن نهاريندو رهيس. انسپيڪٽر هومز مونکي غور سان ڏسڻ لڳو. منهنجي اکين ۾ پاڻي هو ۽ منهنجا چپ آهستي آهستي ڏڪي رهيا هئا. منهنجو نڪ ڀرجي آيو. انسپيڪٽر هومز کان رومال وٺي نڪ صفا ڪندي ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڇئني پاسي نهاري خاطري ڪندي مون آهستي سان انسپيڪٽر هومز جي ڪن ۾ چيو تہ ”مان پاڻ بہ شادي شده آهيان.“

***

# هي پڙهڻ سان گهٽن جو پلو ڏيندو

[اوهان ڪنهن اهڙي ماڻهون ڪي سڃاڻو جيڪو ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي لاءِ حجم جي دڪان تي پنهنجي واري اچڻ جي انتظار ۾ پنج منٽ به ويهڻ لاءِ تيار نه هُجي؟ اهڙا ماڻهون آهن. هي چاهيندا آهن ته سندن داخل ٿيڻ شرط حجم ٻيون سڀ ڏاڙهيون اڌ ۾ ڇڏي پهرين سندن ڏاڙهي ڪوڙي پوءِ ٻين جو اڌ ۾ ڇڏيل ڏاڙهيون ڪوڙي.]

هڪڙو ماڻهون حجم جي دڪان ۾ داخل ٿيو ۽ پڇائين ته ”گهڻو وقت لڳندو؟“ حجم اڳ ويٺل گراهڪن تي نظر ڊوڙائيندي چيو ته ”اوهانکي ڪلاڪ ٻه انتظار ڪرڻو پوندو.“ ماڻهونءَ انتظار نه ڪيو. يڪدم هليو ويو.

ٻئي ڏينهن اهو ماڻهون وري حجم جي دڪان تي آيو ۽ پڇيائين ته ”ڪيتري دير لڳندي؟“ حڪم اڳ آيل گراهڪ ڳڻيندي چيو ته ”اوهانکي ڪلاڪ ڏيڍ انتظار ڪرڻو پوندو. اوهان تيسين اخبار وغيره ڏسو.“ ماڻهو وينو ڪونه، هليو ويو.

ٽئين ڏينهن اهو ماڻهون وري آيو، ۽ پڇيائين ته ”ڪيتري دير لڳندي؟“ حجم جواب ڏنس ته ”چار گراهڪ اوهان کان اڳ جا ويٺل آهن. اوهان جو وارو ڇهين نمبر تي ايندو. اوهان انتظار ڪري سگهو ته ڪرسي تي ويهي اخبار رسالا پڙهو.“ پر هو ڪونه وينو. تڪڙو هليو ويو.

هو ماڻهو روز حجم جي دڪان تي ايندو رهيو ۽ روز اهو ٻڌي ته ڪيس انتظار ڪرڻو پوندو، بنا ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي هليو ويندو رهيو. هن جي ڏاڙهي وڌندي رهي، پر هو ڏاڙهي ڪوڙائڻ لاءِ پنهنجي واري اچڻ جو پنج منٽ به ويهي انتظار ڪرڻ لاءِ ڪڏهن به تيار نه ٿيو.

هڪڙي ڏينهن جڏهن حجم جي ٻُڌائڻ تي ته ”اوهانکي ڪلاڪ اڌ انتظار ڪرڻو پوندو.“ هو ماڻهون اجان دڪان تان لٿو ته حجم پنهنجي نوڪر کي چيو ته ”هن جو پيڇو ڪري ڏس ته هي اچي ڪٿان ٿو جو هڪڙو منٽ به ڪري نٿو سگهي.“ نوڪر ڊوڙي وڃي هن ماڻهونءَ جي پويان

لڳو. موٽي اچي نوڪر حجم کي ٻڌايو ته ”اچي ڪتان ٿو سا مونکي خبر ڪانهي، پر وجي سڏو اوهانجي گهر ٿو.“

[هاڻ ضروري ڪونهي ته سڀ ماڻهون هن ماڻهون جهڙا هجن. ڪي اهڙا به آهن جيڪي ڏاڙهي ڪوڙائڻ ڪانسواءِ نه ويندا آهن ۽ وڃڻ به نه گهرجي. ۽ اهو به هرگز ضروري ڪونهي ته سڀ ماڻهون هن حجم وانگي هجن. وڪيلن، ڊاڪٽرن، آفيسرن، دڪاندارن، واپارين، ڪلارڪن ۽ حجامن ۾ به گهڻا اوهان کي اهڙا ملندا جن جو سندن نوڪرن يا پٽيوالن کي حڪم ڏنل هوندو آهي ته ڪير به اچي پڇي ته اجا باقي ڪيترو ڪم رهيل آهي يا اجا صاحب ڪيتري دير آفيس ۾ ويهندو ته هڪدم اهڙي ماڻهون جو پيچو ڪري ڏسن ته هو اچي ڪتان ٿو. پٽيوالو يا نوڪر اهڙي معاملن ۾ هميشه اهو ئي ٻڌائيندو آهي ته هو وجي ڪيڏانهن ٿو.]

هن جي پڙهڻ سان گهڻن جو پلو ٿيو هوندو؟

***

- جڏهن پٽي صاحب ون يونٽ جي مخالفت ڪئي تڏهن هن ون يونٽ جي مخالفت ڪليل لفظن ۾ ڪئي. تنهن هوندي به پنجابي عوام اڄ به پٽي صاحب سان آهي. صاف ظاهر آهي ته ون يونٽ پنجابين کي ايترو پيارو نه هو جيترو انهن کي هو جن فقط پٽي سان ساڙ ۽ حسد ڪري اصغر خان جو سهارو ورتو ۽ پوءِ فقط پٽي کي ختم ڪرڻ لاءِ ايوب خان جو ساٿ ڏيڻ لاءِ به تيار ٿي ويا هئا. پنجابي عوام جيڪڏهن ون يونٽ جو حامي هجي ها ته ڪنهن به صورت ۾ پٽي جي حمايت نه ڪري ها.
- جيئن سنڌين ۾ ڪي غدار هئا جن ون يونٽ ناهي سنڌي قوميت، سنڌي تهذيب ۽ سنڌي ٻولي جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو، تيئن پنجابين ۾ به ڪي غدار هئا جن ون يونٽ ناهي پنجابي قوميت، پنجابي تهذيب ۽ پنجابي ٻولي کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. جيئن سنڌين کهڙي ۽ راشدي وارن کي ڌڪاري ڇڏيو آهي، تيئن پنجابين به چوڌري محمد علي ۽ دولتانه کي ڌڪاري ڇڏيو آهي.

## سنڌي ڪتاب ۽ رسالا ڇا نٿا وڪامن؟

1. ڇوته سنڌين ڪي فقط اهي رسالا ۽ ڪتاب وڻندا آهن جن مٿان ۽ جن تي واهيات فوٽا هوندا آهن. سنڌين جي هن واهيات ڪمزوري جو فائدو غير سنڌي رسالا وٺي رهيا آهن. ڏوهه غير سنڌين جو ڪونهي، ڏوهه اسان سنڌين جو آهي جو ايتري قدر ته واهيات آهيون جو پنهنجي واهيات ڪمزوري تي فخر ڪندي اسانکي شرم به محسوس نه ٿيندو آهي.
2. دڪاندار ۽ اسٽال وارا گهڻو ڪري غير سنڌي آهن. هو سنڌي ڪتاب ۽ رسالا پويان ۽ غير سنڌي رسالا اڳيان رکندا آهن ته جيئن ماڻهن جون نظرون غير سنڌي رسالن ۽ ڪتابن تي ئي پون.
3. اسان سنڌين جي دماغ ۾ اُٿ وينل آهي ته سنڌي ادب ۾ ڪُجهه آهي ئي ڪونه ۽ سنڌي اديب تمام گهڻو پوئتي آهن.
4. اسان سنڌين کي الله صبر تمام گهڻ ڏنو آهي. اسان جلد مشهور ٿيڻ لاءِ پنهنجي ڪتابن جو وڏو حصو مفت ورهايو ڇڏيون ۽ اسان اهو وساريو ڇڏيون ته هڪڙو مفت ۾ ڏنل ڪتاب يا رسالو گهڻ ۾ گهڻ سئو گراهڪ ڪاري ٿو.
5. اسان سنڌي ڪُجهه اهڙا بيشرم آهيون جو مفت ڪتاب وٺڻ ۾ ذرو عار محسوس نه ڪندا آهيون.

## دڪاندار ۽ اسٽال وارا ڇا ٿا ڪن؟

سنڌي رسالا ۽ ڪتاب وڪڻي ڇڏڻ ڪان پوءِ به اڙدو رسالا وي-پي تي به ڇڏائي سنڌين کي چوندا آهن ته ”ڪل آنا... آج پئسي نهين هين“، ۽ اها سندن ”ڪل“ اچڻ ۾ ڪڏهن ته مهينا لڳيو وڃن، ڪڏهن ته سندن ”ڪل“ صفا غائب ٿيو وڃي ۽ اسان سنڌي وري اهڙا بيغيرت آهيون جو ور ور ڪري هنن وٽ بينا آهيون.

## پاڻ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

اسان مان ڪوبہ پنهنجي ڪنهن بہ ڪتاب يا رسالي جي هڪڙي ڪاپي بہ ڪنهن کي مفت ۾ نہ ڏئي، دوست يار جيڪڏهن سچ پچ دوست يار هوندا تہ خريد ڪندا ۽ اديب جيڪڏهن اديب آهن تہ هنن کي ادب سان ايترو پيار هوندو جو هو خريد ڪندا. جن جا ليک ڪتاب ۾ شايع ٿيل هجن تن کي مفت جي ڪاپي هرگز نہ ڏيڻ گهرجي ڇوتہ هو فقط پنهنجن ليکن خاطر اهو ڪتاب ضرور خريد ڪندا. مفت ڪتاب ڏيڻ يا ورهائڻ پنهنجو پاڻ کي خوار خراب ڪرائڻ آهي، ۽ اهڙو خوار خراب اسان پاڻ کي ۽ سنڌي ٻولي کي گهڻو ڪري چڪا آهيون.

## هنن اسٽال وارن ۽ دڪاندارن جو ڇا ڪجي؟

1. اڄو تہ گڏجي عهد ڪريون تہ اسان مان ڪوبہ ڪنهن بہ اهڙي دڪاندار يا اسٽال واري کي پنهنجي ڪتاب يا رسالي جي هڪڙي ڪاپي بہ وڪري لاءِ نہ ڏيندو جيڪو ڪنهن هڪڙي بہ سنڌي رسالي يا ڪتاب جا پئسا روڪي وينو هجي.
2. اڄو تہ پاڻ گڏجي هڪڙو سينٽر کوليون جتي هرڪو سنڌي ڪتاب ۽ رسالا ڇپائيندڙ پنهنجا ڪتاب يا رسالا موڪلي، ۽ پوءِ فقط اهو سينٽر ئي دڪاندارن ۽ اسٽال وارن سان ڏيتي ليتي ڪري. هن طرح اسانجي آواز کي اهميت هوندي، ۽ اسان اهي پئسا بہ هنن اسٽال وارن کان وصول ڪري سگهنداسين جيڪي هي ڦبايو وينا آهن.
3. پاڻ جيڪڏهن گڏجي ڪم ڪريون ۽ پنهنجا رسالا ۽ ڪتاب هڪڙي آفيس مان ورهايون تہ هي اسٽالن وارا پاٽيهي اچي اسان سان ڳالهائيندا ۽ پئسا اڳوات ڏيڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويندا.
4. پاڻ پنهنجا اسٽال بہ کولڻ جي حيثيت جي رکي سگهنداسين جيڪڏهن اسان فقط ديانتداري سان پنهنجي هرهڪ رسالي ۽ ڪتاب جي هرهڪ ڪاپي سينٽر جي معرفت ورهائي.
5. پاڻ پنهنجي آفيس بہ کولي سگهنداسين، پنهنجو ڪلارک بہ رکي سگهنداسين ۽ گڏيل اشتهار بہ شايع ڪري سگهنداسين.

## فقط

1. ٿوري همت کپي

2. ٿورو هڪ ٻئي تي ويساهه ڪيو
3. سياسي ۽ ادبي اختلافن کي هن معاملي ۾ دخل انداز ٿيڻ نه ڏجي، ۽
4. ٿورو صبر ڪيو.

## پاڻ

1. هر هنڌ پنهنجو فقط هڪ ايجنٽ رکون
2. هڪڙو ماڻهون پگهار يا ڪميشن تي رکون جيڪو وصولي ڪري، ۽
3. گڏجي هنن عذاب جهڙن اسٽالن وارن دڪاندارن سان منهن ڏيون.

مان هي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، مان سڀ ڪُجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، فقط اوهان منهنجو ساٿ ڏيو، فقط اوهان منهنجي مدد ڪريو ۽ پنهنجي ڪنهن به ڪتاب يا رسالي جي ڪاپي مفت ۾ نه ورهايو، فقط اوهان پنهنجي رسالي يا ڪتاب جي هرهڪ ڪاپي مونڏانهن اماڻيو ته جيئن مان انهن اسٽالن وارن سان ڳالهائڻ جهڙو ٿيان. جيڪڏهن مون وٽ اٺ ڏهه رسالا يا ڪتاب ڏيڻ جو حق هوندو ته هي مونسان ڳالهائڻ چاهيندا. اوهان مان ڪنهنجو ڪوبه بل ڪنهن تي رهيل هُجي ته مهرباني ڪري اهو مون ڏانهن موڪلي ته اسان ڏسون ته هنن اسٽال وارن مان ڪهڙا شريف آهن ۽ ڪهڙا مفت خور آهن. اوهان منهنجي مدد ڪريو، مان اوهان لاءِ سڀ ڪُجهه ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

عبدالحليم بروهي،
روم نمبر پهريون،
منظور چيمبرس، گاڏي کاتو، حيدرآباد (سنڌ)

# چرچوءِ چرچائي

هڪ سئو تيرنهن مولوين جي فتويٰ هڪ دفعو وري ثابت ڪري ڇڏيو تہ مولوين ۾ اجا بہ ڪي آهن جيڪي چرچي مان ڄاڻين. جن ڪالهہ تائين چيو پئي تہ مولوي ڇا ڄاڻين چرچي مان، تن ڪي تہ جيئن ڪنهن بلانسنگهي ڇڏيو. ائين ڪڇن جيئن پت!

چرچا ڪندي ڪندي چرچائي ٿبو آهي. مولوي گهڻو وقت آئوٽ آف پريڪٽس رهڻ ڪري اهو چرچو غلط وقت تي ڪري وينا. اها سندن فتويٰ پهرين اپريل تي اچڻ گهربي هُئي.

هن فتويٰ کان پوءِ پِٽي صاحب وارو جلوس، جيڪو پنجيتاليهہ ميل ڊگهو نڪرڻو هو، نوي ميل ڊگهو ٿي ويو. اهڙيون جي بہ چار ٻيون فتوائون آيون تہ هنن مولوين بہ پِٽي صاحب جي جلوسن ۾ شامل ٿيڻو پوندو.

جيڪڏهن اسلام انسان جي فطرت مطابق آهي تہ بُک ءِ اوگهڙ جو علاج ڪرڻ بہ انسان جي فطرت ۾ آهي. سوشلزم بک ءِ اوگهڙ جو علاج آهي جيڪو جيڪڏهن اڄ مولوين جي سمجهہ کان ٻاهر آهي تہ سياڻي سمجهہ ۾ اچي ويندن. تيستائين مولوي هڪڙو ٻيو چرچو ڪري سگهن ٿا، اهو هي تہ صبر کان ڪم وٺي سگهن ٿا.

# هي سلسلو

”عجيب سلسلو اوهانجو پنهنجو ڪتابي سلسلو آهي“ چئي مان اوهانکي خوش فهمي ۾ مبتلا نہ ڪندس. هي ڪتابي سلسلو منهنجو پنهنجو آهي ۽ هن سان ڪنهنجو ڪوبہ واسطو ڪونهي. پئسا منهنجي هڪڙي دوست محمد ذاڪر جا آهن.

مونڏانهن خط لکي مونکي صلاحون ڏيئي اوهان مون م ستارا آٽي سگهو ٿا. منهنجي هن ڪتابي سلسلي ۾ ستارا آٽڻ مان چاٽان منهنجو ڪم چاٽي. اوهانجا موڪليل افسانہ ڪهاڻيون، مضمون ۽ شعر وغيره مان شايع ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر شرط هي تہ مونکي وٽن. هرهڪ صفحي تي منهنجو پنهنجو نالو مونکي پاڻ ڪي بہ نٿو وٽي، پر مصيبت هي اُهي هن ڪتاب جو هرهڪ لفظ منهنجو لکيل آهي.

**عبدالحليم بروهي**
روم نمبر هڪ، پهرين منزل
منظور چيمبرس، گاڏي ڪاتو،
حيدرآباد (سنڌ)